ڪنهن مهاپرش جو قول آهي تہ "گرو ٽيڻ آسان آهي، پر ششيہ ٽيڻ ڏاڍو مشڪل." اهو سچ بہ آهي. اسين ڏسون پيا تہ هر شخص اپديش پيو ڪري، ہين کي سکيا پيو ڏي. هو اهو بہ نٿو ويچاري تہ سامهون وارو ان کي ہڏي بہ ٿو يا نہ؟ هو ان سکيا جي لايق بہ آهي يا نہ؟ اهڙي پُل اکثر شڪشا گروئن کان بہ ٽيندي رهي ٿي. جيستائين اسين هن رهسيہ، راز کان واقف ڪونہ ٽيندا سين تہ اسين هن دنيا ۾ چو آيا آهيون؟ اسان کي هت چا ڪرڻو آهي" هي دنيا چا آهي؟ ۽ اسان جي منزل ڪهڙي آهي؟ تيستائين اسين کا آڌياتمڪ ساڌنا ڪنداسون ئي ڪونہ. ڪنڌ واري مريض کي جيستائين اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ هو ڪنڌ جو مريض آهي، هو ڪنڌ کان پرهيز چو ڪندو؟ پنهنجو علاج چو ڪرائيندو؟ انهي ڪري ئي ڏرم ساڌنن ۾ اول نمبر تي "شروڻ" يعني ہڏڻ ساڌن رکيل آهي. جڏهن اسين ہڏنداسين، تڏهن ئي واقف ٽيندا سين. ۽ جڏهن واقف ٽيندا سين، تڏهن ئي پاڻ کي سڌارڻ جا ساڌن (تدبيرون) ڪنداسين. ساڌن ڪندي ڪندي پاڻ کي تبديل بہ ڪرڻو پوندو. اسين تہ بس اهوئي سمجهي ويٺا آهيون تہ ڪنهن "نام چڑهئي" کي گرو بڻايو ويو تہ اسان جي گتي ٿي ويندي! گرو بڻجڻ وڏي ذميواري جو ڪاريہ آهي. گرو ئي پنهنجي ششيہ جي گتي جو ذميوار آهي. ششيہ تہ گرو کان غافل ٿي سگهي ٿو. پر گرو ڪڏهن بہ پنهنجي ششيہ کان غافل نٿو ٿئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو جيڪي سچا سنت، ساڌو، ودوان يا آچاريہ آهن، اهي ڪنهن کي بہ پنهنجو ششيہ نٿا بڻائين، يا وري ڪنن آزمائشون وڻڻ بعد، ان کي ششيہ بنائيندا آهن. جڏهن گرو دکشٹا جو وقت ايندو آهي تہ اهي پنهنجي ششيہ کان ان جو اهنڪار Ego دکشٹا ۾ گهري وٺندا آهن. اهڙي مهاتما جي ئي شرڻ وڃي، ان کي گرو بڻائڻ گهرجي. "پاڻي پيجئي چان کي، گرو ڪيجئي جان کي." دراصل ششيہ ئي گرو جو بہ گرو آهي. چاڪاڻ جو هڪ سچو ششيہ، ڪافي امتحان وڻڻ بعد ئي ڪنهن کي گرو طور قبول ڪندو آهي.

اکثر چيو ويندو آهي تہ "ديهہ ڌاري گرو" ڪيو وڃي. حقيقت اها آهي تہ هي جڳت ئي گرو آهي، هڪ پائشالا آهي. اها هر پل "مُوڪ واڻي" Silent Voice ۾ اپديش ڪري رهي آهي. پر ڪو اوڏوت دتاتريہ جهڙو ششيہ ئي هن کان اُپديش گرهڻ ڪري سگهي ٿو. شريمد پاڳوت ۾ چيل آهي تہ دتاتريہ جا چوويهہ گرو هئا، جن ۾ پنگلا وڻشيا کان علاوه پشو، پکي، وڻ، ٻوٽا، پهاڙ ۽ پرٿوي بہ شامل آهن. اهو بہ چيل آهي تہ انهن دتاتريہ کي ڪابہ سکيا ڪونہ ڏني، پر دتاتريہ خود انهن کان سکيا پرائي. دارومدار اسان تي آهي تہ اسين سکيا گرهڻ ڪري سگهون ٿا يا نہ؟ جي ڪڏهن ريڊئي جو رسيور Receiver ئي خراب هوندو تہ اهو ڪا اسٽيشن ڪيئن پکڙيندو. جيڪڏهن اول اسين پاڻ کي اپديش گرهڻ ڪري جي لايق ئي ڪونہ بڻائينداسين تہ ديهہ ڌاري گرو چا ڪندو؟ جڏهن اسين پنهنجي ہڏي جو رسيور درست ڪنداسين تہ اسان کي هر هنڌان اپديش ملندو رهندو.

# گُرو

# Spiritual Precepator

اسان جي سناتن ڌرم ۾ گرو جي وڏي مهما ٻڌايل آهي. ايتري قدر چيل آهي ته "گرو بنا گتي ناهين." تنهن ڪري هر ڌارمڪ پنٿي Seeker of Truth گرو پرٿا (رسم، رواج Tradition) ۾ وشواس (اعتماد Belief) رکي ٿو. لفظ گرو جي معنيٰ آهي "اگيان يا ناواقفيت جي انڌڪار کي دور هٽائڻ وارو". اهو ته اسان سيني جو انوبؤ (مشاهدو Experience) آهي ته جنم کان وٺي مرڻ تائين هر انسان سکيا، علم يا ودیا لاءِ هر وقت ٻي جو محتاج رهي ٿو. هن لحاظ کان جيڪو به ماڻهو جنهن به ماڻهو کي، جيڪا به سکيا ڏي ٿو اهو ماڻهو سکيا پرائڻ واري ماڻهو جو هڪ قسم جو گرو ئي آهي. پر هن ليک ۾ اسان جو وشئ، موضوع Subject هڪ اَڌياتمڪ گرو Spiritual Preceeptor آهي.

ڪوبہ رستو، مارگ Path صرف اهو شخص ٻڌائي سگهي ٿو. جنهن خود ان رستي تي اڳ سفر ڪيو هجي ٿو. انهي طريقي سان منزل ۾ ان جو مارگ به اهو شخص ٻڌائي سگهي ٿو. جنهن پاڻ سفر ڪري اها منزل هٿ ڪئي هجي ٿي، اڌياتم مارگ جي آخري منزل آهي موکش، نرواڻ، پرم ڌام. تنهن ڪري پرم ڌام جو مارگ اهوئي شخص ڏيکاري سگهي ٿو. جنهن خود پرم ڌام پراپت ڪيو هجي ٿو. پر هت وڏي ڪٺنائي پيدا ٿي ويندي آهي. جيئن پاڻي جو ڦڙو، (قطرو) سمنڊ سان ملي پنهنجي انفراديت وڃائي، سمنڊ بڻجي ويندو آهي. ايئن ئي پرم ڌام ۾ پهچڻ وارو پُرش به پنهنجي انفراديت وڃائي پرم ڌام ٿي ويندو آهي. (پرم ڌام ۽ پرماتما ٻئي هڪ ۽ ساڳيا آهن). تنهن ڪري اهڙو پُرش اسان کي مارگ ٻڌائڻ لاءِ رهي ئي ڪونہ ٿو. يا ايئن به چئي سگهجي ٿو ته پرم ڌام حاصل ڪرڻ بعد ان پُرش جي حالت هڪ گونگي شخص جهڙي ٿي ويندي آهي. جيڪو ڳڙ کائڻ بعد ان جو سواد نٿو ٻڌائي سگهي.

ودیا، علم Knowledge، ٻن قسمن جو آهي، اپرا Lower ۽ پرا Higher. جيڪو علم هن سنسار Cosmos جي باري ۾ آهي ان کي اپرا ودیا ڪوٿجي ٿو. ۽ جيڪو علم هن سنسار کان اڳتي Beyond جو آهي، تنهن کي پرا ودیا ڪوٿجي ٿو. سنساري علم کي جڙ ودیا Material Knowledge. ۽ ان کان پري جي علم کي چيتن ودیا Spiritual Knowledge به ڪوئي سگهجي ٿو. جيستائين اسين جڙ Matter کان پوري طرح واقف ڪونہ ٿيندا سين، تيستائين جڙ ۽ چيتن Matter & Spirit، جي تميز ڪيئن ڪري سگهنداسين؟ يعني اول جڙ ودیا کان واقف ٿيڻ لازمي آهي، ان بعد ئي چيتن ودیا کي ڄاڻڻ جا اسين اهل، قابل، اڌيڪاري ٿي سگهنداسين. نہ صرف اسان جا ٻيا ڌرم شاستر پر خود ويدَ به اسان کي اپرا وديائي سيکارين ٿا. وید به آخر ۾ "نيتي، نيتي" يعني اهو به نہ، اهو به نہ، جو اعلان ڪري، اسان کي ايا به اڳتي وڌڻ جو اُپديش ڪندا آهن.

گرو ٻن قسمن جا ٿين ٿا، شِکشا گرو ۽ دِيکشا گرو. شکشا گرو اهي آهن، جيڪي اسان وانگر ايا تائين اڌياتمڪ پنٿي آهن. فرق صرف ايترو آهي جو اُهي هن مارگ تي اسان کان گهڻو اڳتي پهتل هوندا آهن. انهن جي سکيا به شاسترن وانگر اپرا ودیا ئي ٿيندي آهي. اهو قدرت جو اصول آهي ته جيڪو به شخص جيڪا به سکيا يا علم پرائيندو آهي، اهو پنهنجي ئي اڀياس خاطر ٻين

اهوئي ڪارڻ آهي جو وید به آخر ۾ "نيتي، نيتي" يعني اهو به نہ. اهو به نہ جو اعلان ڪري اسان کي صلاح ڏيندا آهن تہ اڳتي ئي اڳتي وڌندا رهو. ايستائين جيستائين نہ صرف مارگ، رستو Path ڪٿي، پر مارگي، مسافر Truth Seeker به نہ رهي، ۽ اهائي منزل Destination آهي. اسان کي پنهنجو ڌرم جاڻڻو ڪونہ آهي، پر ان جهڙو ٻڌجڻو آهي. انهي ڪري چيل آهي تہ گرو به اسان کي منزل تي ڪونہ پهچائيندو آهي، پر منزل تي پهچڻ لاءِ رستو ڏيکاريندو آهي. اهو پنڌ هر ڪنهن کي پنهنجو پاڻ ڪرڻو آهي. اُتي پهچڻ لاءِ ڪا سواري به ڪانہ آهي ۽ هر ڪنهن کي اڪيلوئي اتي پهچڻو آهي.

اهو پرم ڌرم هڪ اهڙي اٿاهہ ساگر سمان آهي، جنهن اندر پرم ستيہ جا موتي پريا پيا آهن. اهو اننت ساگر اسان هرهڪ جي اندر سمايل آهي، جنهن کي اسين "چد اَڪاش" ڪوٺيندا آهيون، وقت بوقت يوگي، رشي، مُني، آچاريہ، سنت ۽ مهاتما ڌيان Meditation ذريعي هن ساگر اندر ٽٻي هڻي، ستيہ جا کي موتي هٿ ڪري، انسان ذات جي ڪلياڻ لاءِ اسان جي اڳيان رکندا آهن. وید، جيڪي ڪتابي صورت ۾ به دستياب آهن، انهن ۾ اهڙا ئي ستيہ جا موتي (وچن) سمايل آهن، جن کي اسين "شُروتيون" ڪوٺيندا آهيون. چاڪاڻ تہ رشيئن سمادي اوستا دوارا انهن جو انويوڳ ڪيو هو. يعني ٻڌا هئا، تنهن ڪري اسين انهن کي شروتيون Revelations ڪوٺيون ٿا. چاڪاڻ تہ اسان جي ڌرم جو بنياد هن پرم ستيہ تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري اهو نت نئون ۽ سدا دائم ۽ قائم آهي. هت اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي تہ هن اننت ساگر ۾ ايڏا بہ بي شمار موتي پريا پيا آهن، جيڪي وقت بوقت مهاپرش اَٽيندا رهندا، ۽ جن ماڻهن کي انهن مان جيڪي به پنهنجي سوياو مطابق ٺيڪ لڳندا، انهن کي اپنائيندا رهندا.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي جو چند ايوگيہ پرش غلطي سان اهڙا موتي به هٿ ڪري آٽيندا آهن، جيڪي سچا نڌا هجن ۽ تنهن ڪري اهي ڪجهہ عرصي لاءِ جڏا ڪري، پوءِ نشٽ ٿي وڃن ٿا. اوچ نيچ وارو پيد پاؤ، ڪوڙا موتي هجڻ سبب، هاڻ ختم ٿي رهيو آهي. پر ورڻ آشرم وارا سچا موتي اڄ به ستيہ آهن. اسان جي ڌرم جا مُول متا Fundamental Principles جن جي بنياد ترڪ، نيايہ، منطق، Logic تي ٻڌل آهي، اهي اٽل ۽ سدا لاءِ قائم رهڻ وارا آهن. تنهن ڪري اسان کي سناتني، ويدانتي يا هندو ڪوٺائڻ يا ڪوٺجڻ ۾ وڏو فخر آهي.

سماج Society ۾ رهندي، هر انسان جا ڪرتويہ ۽ اڌيڪار، فرائض ۽ حقوق Liabilities & Rights الڳ الڳ آهن، ۽ هن لحاظ کان ڌرم جون شاخون Branches به انيڪ آهن. ورڻ ڌرم، آشرم ڌرم، پُتر ڌرم، ڪنيا ڌرم، ماتر ڌرم، پُتر ڌرم، پتني ڌرم، ناري ڌرم، پُرش ڌرم، راج ڌرم، پرجا ڌرم، اَپت ڌرم وغيره وغيره اهي سڀ سناتن ڌرم جا انگ آهن. ڪنهن به شخص جي ڌرم کي مقرر نٽو ڪري سگهجي. چاڪاڻ تہ هر ڪنهن جي ڌرم جو دارومدار ڪال (زمان) Time، ديش (مڪان) Space، پرسٽتي (حالات) Circumstances ورڻ، آشرم، جنس وغيره تي ٻڌل آهي، جيڪي تبديل پذير آهن. هڪڙو ئي وهنوار ڪنهن هڪ شخص لاءِ ڌرم آهي تہ بي لاءِ پرڌرم ٿي سگهي ٿو. انهي طرح سان هڪڙو ئي وهنوار اڄ انهن لاءِ ڌرم آهي تہ سياڻي پرڌرم ٿي سگهي ٿو. سچ ڳالهائڻ ڌرم آهي، پر اهڙو سچ، جنهن جي ڳالهائڻ سان فائدي جي بجاءِ الٽو نقصان ٿئي، اهو ڌرم ڪونہ آهي. سچ اهوئي ڌرم آهي، جيڪو پريہ، مدُر ۽ ڪلياڻڪاري هجي. گيتاجي ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ چيو آهي تہ "هر انسان کي گهرجي تہ هو ايشور پراپتي کي پنهنجو لکش Aim بڻائي، لوڪ سنگرهہ For the Welfare of Universe، پنهنجي ورڻ آشرم جا ڪرتويہ ڪرم، آسڪتي رهيت Without Desire of any Fruit ٿي، ڪندو رهي.

# هندو ڌرم

## HinduDharma

اسان کي سڌ هئڻ گهرجي ته اسان جي ويدن، درشنن School of Thought (مڪتب فڪر)، سمرتين چاهي ٻين ڌرم شاسترن ۾ لفظ "هندو" ڪٿي ٻه استعمال ڪونه ٿيل آهي. اهو لفظ ته گهڻو بعد ۾ (اٽڪل ٻه هزار سال اڳ)، ٻين کان الڳ سڃاڻپ واسطي، اسان تي ٽوپيو ويو آهي، ۽ اسان ٻه مصلحتن، تبديل ٿيل حالات انوسار، هن لفظ کي قبول ٻه ڪري ڇڏيو آهي. شروع ۾ ته گڏيل اُپ کنڊ جي سڀ رهواسين کي هندو ڪوٺيو ويندو هو، پر بعد ۾ صرف ويدڪ ڌرم وارن کي ئي هندو ڪوٺيو ويو. نه ته حقيقت اها آهي ته اسان جو ڌرم صرف "ڌرم" آهي. هن کي Religion يا مذهب ڪوٺڻ سان مڪمل تعريف نٿي ڪري سگهجي. اهو لفظ "ڌرم" بنيادي لفظ Roof Word "ڌر" Dhr مان ٺهيل آهي، جنهن جو مطلب آهي، جهلڻ، آڌار. To Hold. جيڪو انسان جو هن لوڪ، دنيا، جهان World ۽ پرلوڪ، ٻي دنيا The World hereafter ۾ آڌار ٺئي. ڪلياڻ ڪري، اهو ڌرم آهي، تنهن ڪري چيل آهي ته "ڌارَيتي اِتي ڌرمہ". درحقيقت اسان جو ڌرم هڪ سنسڪرتي ۽ سيبتا Culture & Civilization ٻه آهي، جنهن مطابق هر ماڻهو جو روزمره جو ڪايڪ (جسماني) Physical، واچڪ (زباني) Lingual ۽ مانسڪ (ذهني) Mental وهنوار اهڙو هجي جو لوڪ ۽ پرلوڪ ٻنهي ۾ ڪلياڻ ٿئي يعني "يتو ابيوديہ نهشرئيس چ سِدّي، سہ ڌرمہ" (ڪٹاد رشي).

اسان جو مڃڻ آهي ته نه صرف هر ماڻهو جو، پر هر جيو پراڻي (جاندار) Living Being توڙي هر جڙ پدارٿ Material Object جو پڻ پنهنجو نج يا ذاتي Personal ڌرم ٿيندو آهي. جنهن کي اسين "سوَ ڌرم" ڪوٺيندا آهيون، جيئن سج جو ڌرم آهي روشني ۽ گرمي. تنهن ڪري هن لحاظ کان اسين چئي سگهون ٿا ته جيترا ٻه ماڻهو آهن، ايترائي ڌرم (پنٿ، مت يا طبقا) آهن. هن حساب سان ڌرم جا ٻه رخ، پهلو Aspects آهن. سامانيہ Common، جيڪو سيني لاءِ ۽ هر وقت ساڳيو آهي ۽ پيو وشيش Particular جيڪو هر ماڻهو لاءِ الڳ الڳ آهي ۽ جيڪو وقت ۽ حالات پٽاندر تبديل ٿيندو رهي ٿو. جنهن کي اسين هندو ڌرم ڪوٺيون ٿا، ان کي جيڪڏهن ڪو مناسب نالو ڏيئي سگهجي ٿو ته اهو آهي "ويدڪ ڌرم" يا "سناتن ڌرم" ۽ هن جي پيروڪارن کي اسين ويدانتي يا سناتني ڪوٺي سگهون ٿا. اسان جو اهو وشواس، اعتماد Belief آهي ته اسان جي ڌرم جو سواءِ خود ايشور جي، ڪو ٻيو بانيِ Founder ڪونه آهي. اسين ويدن کي ٻه "اپَرُوشيہ" يعني ڪنهن انسان جا نه ٻڌايل، ڪوٺيندا آهيون. ويدن جو چوڻ آهي ته پربرهم پرماتما هن برهمانڈ Cosmos جي رچنا Projection سان گڏ ستيہ Truth ۽ رِتَ Law کي ٻه نافذ ڪري آڳيا ڪئي ته رت مطابق جيون بسر ڪري، ستيہ کي پراپت ڪريو. ڌرم انهن ستيہ ۽ رت جو ميل، مرڪب آهي. اسين هن کي سناتن Eternal انهي ڪري ڪوٺيندا آهيون، جو جيڪو شخص هن ڌرم جو ٺيڪ طرح سان پالڻ ڪري ٿو، اهو خود سناتن ٿي وڃي ٿو.

جيتوٽيڪ اسان جي ڌرم جا ويدن کان علاوه ٻيا بيشمار شاستر آهن، تڏهن ٻه برطانيہ جي آئين Constitution وانگر اسان جو ڌرم ٻه اڻ لکيل Unwritten آهي. اُن کي نه صرف لکي نٿو سگهجي پر اَنروَچنيہ يعني ناقابل بيان Indescribable هئڻ سبب ان کي زبان سان مڪمل طور بيان ٻه نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري خود ويدن جو چوڻ آهي، "اَڪشرسيہ ڌرمَسيہ شِروُتيہ کا ديشناکرا" يعني پرم ڌرم يا پرم ستيہ کي جڏهن لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي ته پوءِ ڇا جا شاستر ۽ ڇا جو اپديش؟

جيڪڏهن اهڙن پوتن سان اسان جو ڪو ذاتي تعلق هوندو يعني پالتو جانور يا پکي هوندو ته ان کي کاڏو پاڻي ڏيڻ پوت يگيه ۾ شمار ڪونه ٿيندو.

اتڻي يگيه: هن کي نر يگيه يا منوشيه يگيه به ڪوٺبو آهي. اتڻي مان مراد آهي مهمان. پر اهڙو مهمان جيڪو اوچتو اچي ۽ ان سان ڪو رشتو ناتو به نه هجي. پر هو واقعي ۾ سداچاري ۽ ضرورت مند انسان هجي. جيئن ڪو پرديسي مسافر، سنياسي، پکشو، ساڌو مهاتما وغيره. پر چور، ڊاڪو، لٽيرو، هتيارو، لچ لفنگو وغيره اتڻي نٽو ٿي سگهي. اتڻي اهو آهي جيڪو کائي پي ڪجهه آرام ڪري هلندو ٿئي. اهڙي طرح سان گهر آيل اتڻي کي ويهڻ لاءِ آسن، پيئڻ لاءِ پاڻي، کائڻ لاءِ پوجن ۽ ڪجهه ساعت آرام ڪرڻ لاءِ وچاڻو (هنڌ) ڏيڻ سان اتڻي يگيه ٿي ويندو آهي. پر اها سيوا آدرستڪار ۽ مان سان ڪرڻ ضروري آهي. (جيڪڏهن گهر ۾ ڪو مرد نه هجي ته اهڙي اتڻي کي گهر جي اندر اچڻ نه ڏجي. هونئن به اڇلهه جي دؤر ۾ ماڻهن جي سچاٽپ ڏاڍي مشڪل ٿي ويئي آهي، تنهن ڪري اتڻي يگيه جو پالڻ ڪرڻ ۾ ڏاڍي ساوڌاني ڪرڻ بيحد ضروري آهي. اهڙو سون ٿي گهريو جو ڪن چني.)

پتر يگيه: اسان جا ابا ڏاڏا (ماتائون ڏاڏيون پڻ) Ancestors جيڪي پرلوڪ وڃي چڪا آهن، انهن کي پتر Manes ڪوٺبو آهي. اسان کي پنهنجو هي جسم انهن کان ٿي مليو آهي. انهن اسان جو پالڻ پوشڻ به ڪيو آهي. تنهن ڪري انهن جو اسان تي هڪ قسم جو قرض Liability چڑهيل آهي، جيڪو لاهڻ اسان جو ڪرتويه، فرض Duty آهي. اهو قرض لاهڻ تمام آسان آهي. جيڪو پترن جا شراڌ، پنڊ دان ۽ ترپڻ ڪرڻ سان ۽ سنتان پيدا ڪري ونش ريکا، نسل Lineage جاري رکڻ سان لهي ويندو آهي. انهن کارين کي ٿي پتر يگيه ڪوٺيل آهي.

ديو يگيه: پرجاپتي برهما هي جڳت اتپن ڪري، سڀ پراڻين کي صلاح ڏني ته يگيه ذريعي هڪ ٻي جي مدد ڪري، سکي رهو. برسات ديوتائن جي ڪرپا سان وسندي آهي، جنهن سان اناج پيدا ٿيندو آهي، جنهن تي اسان جي زندگي جو دارومدار آهي. اسان کي جيڪو به آهار (کاڏو) ديوتائن جي ڪرپا سان ملي ٿو، انهي جو ڪجهه حصو اگني هوتر (هوَن) ذريعي آهوتي ڏيئي ديوتائن کي ارپڻ ڪرڻ سان ديوتائن کي آهار ملي ويندو آهي ۽ اسين ديوتائن جي قرض کان آزاد ٿيندا آهيون. اهوئي ديو يگيه آهي. هر گرهستي کي هر روز ننڍڙي پيماني تي (گهٽ ۾ گهٽ هرندڙ اگني ۾ گيهه مليل ٿوري روٽي وجهڻ سان) اهو ديو يگيه ڪرڻ گهرجي.

برهم يگيه: هن کي رشي يگيه به سڏبو آهي. اَڌياتم وديا، برهم گيان يا وید اسان کي اسان جي آدي کالْ Ancient جي رشيئن جي ڪرپا سان ئي حاصل ٿيل آهي. انهن جي ٻڌايل مارگ تي هلي، اسان پنهنجو جنم سڌارڻ کپي. سنسار چڪر کان مُڪت ٿي سگهون ٿا. اهو قرض لاهڻ لاءِ اسان لاءِ ضروري آهي ته هرروز ڌرم شاستر جو سواڌيايه Study ڪريون، انهن مان آدرش پرايون ۽ ان مطابق آچرڻ ڪري پنهنجو ڪلياڻ ڪريون. ايئن ڪرڻ سان رشي يگيه ٿي ويندو آهي.

ڏسو، ڪيڏو نه اُدار هردیه (فراخ دل) اسان جو ڌرم آهي، قرض لاهيندي، ٻين کي سک پهچائيندي، پنهنجو ڪلياڻ ٿي وڃي ٿو. اهي اَڌياتم جون ڳالهيون آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ انهن ۾ شرڌا ۽ پنهنجي ڪلياڻ جو چاهه هجڻ ضروري آهي. سوپاڳيه سان اسان جي هندو جاتي ۾ اهڙا سنسڪار پرمپرا کان جاري آهن، البت اڄ جي واتاورڻ، ماحول سبب ڪجهه نربل ٿيل آهن، جنهن جو افسوس آهي. گيتا جي ۾ چيل لوڪ سنگره Universal Welfare جي پُورتي اهي پنج مهايگيه ڪرڻ سان ٿي وڃي ٿي.

# پنج مهايگيه

اسان جي سناتن هندو ڌرم مطابق هر انسان جي جيون (زندگي) جا چار حصا آهن، جن کي آشرم Stages of Life ڪوٺبو آهي. بلترتيب اهي آهن (1) برهم چريه آشرم يعني Life of Celibacy (ڪنوارپڻي جو زمانو)، (2) گرهست آشرم Life of House Holder (گهر بار وارو زمانو)، (3) وان پرست آشرم The Life of Forest (گهر گرهست کان آزاد ٿيڻ جو زمانو) ۽ (4) سنياس آشرم Life of Total Retirement. چاهي ڪو ماڻهو انهن ڳالهين کان واقف هجي يا نه هجي، اهي آشرم هر ڪنهن سان لاڳو ٿين ٿا. سناتن ڌرم ۾ انهن آشرمن جا مخصوص ڌرم نيم به مقرر ڪيل آهن. هن ليک جو تعلق فقط گرهست آشرم سان آهي.

گرهست آشرم کي ٻين آشرمن کان وڌيڪ اُتم Superior چيل آهي، ڇاڪاڻ جو سنسار جي گهڻي ذميواري گرهستي تي آهي. جڏهن گرهست آشرم جون ذميواريون ٻين آشرمن کان وڌيڪ مقرر ٿيل آهن ته هن آشرم جي ڌرم نيمن ۾ به ڪافي لچڪ رکيل آهي، يعني جيڪو گرهستي پنهنجي آشرم ڌرم جو بخوبي پالڻ ڪري ٿو ته ان لاءِ موکش Salvation پائڻ آسان ٿي وڃي ٿو.

گرهست جيون گذاريندي، انسان کان ڪجهه وڌيڪ پاپ ڪرم اڻڄاڻائي ۾ به ٿي وڃن ٿا ۽ انهن کان پاڻ کي روڪي نه سگهجي. اٽو پيهندي يا پيهارائيندي، گهر ۾ پاڻي رکڻ جا برتن صاف ڪندي، چُلهه هاريندي، اناج صاف ڪندي، ٻهاري پائيندي يا اڏا ٻيا گهرو ڪارڻ ڪندي، انيڪ ننڍڙن جيوَ جنتوئن جي هتيا (مارڻ) اڻ ٽر آهي. تنهن ڪري انهن جو پرايشچت Expiation ڪرڻ به انيواريه (لازمي) ٿي وڃي ٿو. هن کان علاوه هر انسان تي سڀ جيو پراڻين Living Beings، پِترن Manes، ديوتائن Demi Gods ۽ رشين Seers & Sages جو هڪ قسم جو قرض چڙهيل هوندو آهي. جيڪو گرهست آشرم ۾ ئي رهندي لاهي سگهجي ٿو. يعني پنج مهايگيه ڪرڻ سان نه صرف اڻڄاڻائي ۾ ڪيل جيو هتيائن جو پرايشچت ٿئي ٿو، پر ان سان گڏ گرهستي اڳ چيل قرضن کان به مڪت، آزاد ٿي ويندو آهي، يعني ايڪ پنٿ، دو ڪاج. هڪ ڏڪ سان ٻه شڪار.

لفظ يگيه جو نالو ٻڌي، اسان جو خيال ڌرم شاستر ۾ چيل اشوَميڌ، راجسويه، پُتر ڪاميشٽي، سروَميڌ يا رامايڻ دور ۾ رشين پاران ٽيندڙ اگني هوتر وارن يگين طرف هليو وڃي ٿو ۽ تنهن ڪري اسين پاڻ کي انهن جي ڪرڻ کان قاصر سمجهي، يگيه طرف ڏيان به نٿا ڏيون. درحقيقت انهن پنج مهايگين ۽ اڳ ۾ چيل يگين ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اهي پنج مهايگيه ڪرڻ ۾ بيحد آسان آهن ۽ انهن جو قل اڳ چيل يگين جي قل کان وڌيڪ ڪلياڻ ڪاري آهي. انهي ڪري ئي انهن کي صرف يگيه نه پر مهايگيه ڪوئيل آهي. اهائي ته سناتن ڌرم جي گرهست آشرم تي ڀگوان جي ڪرپا آهي! اڳ ۾ چيل يگيه ته سَڪامي (پنهنجي ذاتي فائدي وارا) آهن، پر اهي پنج مهايگيه نشڪامي آهن. اهي ڪرڻ سان گرهستي پاپ کان ڇٽي وڃي ٿو. قرض کان آجو ٿئي ٿو ۽ ان اندر پڳتي پاڻ وڌي ٿو. اهي پنج مهايگيه آهن (1) پُوت يگيه، (2) انتي يگيه، (3) پِتر يگيه، (4) ديو يگيه ۽ (5) برهم يا رشي يگيه. انهن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي.

پُوت يگيه: انسان کان سواءِ پرٿوي تي رهندڙ جيترا به جيو پراڻي (جاندار) آهن، انهن کي پُوت ڪوٺبو آهي. (هت پوت مان مراد جن پوت ڪونه آهي.) جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته خبر پوندي ته اهي سڀ، سڌي طرح سان يا اڻ سڌي طرح سان انسان ذات لاءِ ڪنهن نه ڪنهن نموني ڪارائتا آهن. پنهنجي پهچ آهر جيو جنتوئن، پکي پشوئن، وڻ ٻوٽن وغيره کي انهن جي يوگيه ڪاڏو پاڻي ڏيڻ سان پوت يگيه ٽيندو آهي. پر اهو ياد رکجي ته

کي پنهنجي هرديء ۾ ڌارڻ ڪري، ان جي مانسڪ پوجا ڪرڻ لڳندو آهي. ان بعد هو هر جيو پراڻي کي پڳوان جو روپ مڃي، انهن سان پريم ڪرڻ لڳندو آهي. نوڌا پڳتي ۾ به صرف ارچن ساڌن (پڳتي) ۾ ۽ ڪريئا يوگ ۾ پڳوان جي مورتي جي ضرورت پوندي آهي، جيئن ان جي دوارا پنهنجي اشٽ ديو کي پريم ۽ شرڌا جا پشپ ارپڻ ڪري سگهجن. اسان جي ڌارمڪ اتهاس ۾ اهڙا ڪافي مثال به آهن، جڏهن خود پڳوان ان مورتي ۾ پرگٽ ٿي، پنهنجي پڳت جي پوجا سويڪار ڪئي. اهڙي پوجا مان ڪيترو آنند ملي ٿو، ان کان خود پڳت ئي واقف هوندو آهي.

اشٽانگ راج يوگ جي ڌارڻا Concentration ساڌن ۾ ڪنهن باهرئين ٺوس پدارٿ جي ضرورت پوندي آهي. هن لاءِ ساڌڪ پڳوان جي ڪنهن سندر مورتي کي استعمال ڪندا آهن. ان بعد ڌيان ساڌن ۾ مورتي جي ضرورت نٿي رهي. گيان مارگي يا ادويت پنٿي، جيڪي پربرهم پرماتما کانسواءِ ڪنهن بي جي وجود کي مڃيندا ئي ڪونہ آهن، اهي پوجا وغيره ڪونہ ڪندا آهن. اهي تہ خود پنهنجي "اهم پاؤ" کي متائڻ ۾ لڳل هوندا آهن.

مثال طور ڏسجي تہ جيڪڏهن خود پڳوان پرگٽ ٿي، اسان کي پنهنجو درشن ڪرائي تہ اسين ڪيئن مڃينداسين تہ اهو واقعي ۾ پڳوان آهي. اسان تہ ان کي به چونداسين تہ پنهنجي پڳوان هجڻ جو ثبوت ڏي. پر جيڪڏهن اسان جو ڪو اشٽ ديو آهي، تہ پڳوان صرف انهي روپ ۾ اسان کي پنهنجو درشن ڪرائيندو، جيئن ڪيس سجاڻڻ ۾ دير نہ ٿئي.

جيتوٽيڪ مورتي پوجا سناتن ڌرم جي مول متن جو حصو ڪونہ آهي، پر سناتن ڌرم هن جي برخلاف به ڪونہ آهي. پڳوان کي جاڻي، اسين ان جي ڪنهن به نام ۽ روپ جي پوجا ڪريون، پوجا تہ ان پڳوان جي ئي ٿيندي آهي. جيئن برسات جو پاڻي جدا جدا ندين ۽ نالن مان وهي، آخر وڃي ان هڪ سمنڊ ۾ پوي ٿو، تيئن هر ديو کي ڪيل نمسڪار ڪيشو لاءِ ئي آهي.

"آڪاشات پتيتم تويَم، يٿا گڇتي ساگرم،
سروَ ديو نمسڪاره، پرتي ڪيشوَم گڇتي."

انسان جو هردو ئي ايشور جو نج مندر آهي، جتي ساکشات ايشور سدا لاءِ براجمان آهي ۽ انهي ڪري ئي ان کي واسديو يا انترياميِ ڪوٺيون ٿا. پر ان نج مندر ۾ داخل ٿي، ان واسديو جو درشن ڪرڻ ايترو آسان ڪونہ آهي. استول پڳون مورتي جي پوجا جي لڳاتار اپياس سان پڳت ان نج مندر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تي ويندو آهي.

هر اَڌياتمڪ پنٿي پنهنجي پنهنجي جاءِ تہ ٺيڪ آهي، تنهنڪري ڪنهن جي به نندا ڪرڻ سان اهڙو انسان خود دوشي (گنهگار) ٿيندو آهي. تنهن ڪري پڳوان جي هڪ مورتي جي ذريعي پوجا اُپاسنا ڪرڻ غلط هرگز ڪونہ آهي. تنهن هوندي به اها نڪو هرهڪ لاءِ لازمي آهي ۽ نہ ئي مڪتي جو واحد حل (ساڌن) آهي. اسين مورتي ذريعي پڳوان جي پوجا ڪريون يا نہ ڪريون، البت ڪو نہ ڪو اَڌياتمڪ مارگ چونڊي، ان مطابق ساڌن ڪرڻ سان اسان جو ڪلياڻ ٿيندو آهي.



مهاشيہ: چا بنا ڪنهن آڌار جي پوجا ڪرڻ ممڪن ڪونہ آهي؟

پڄت: پوجا واسطي پوجنيہ جو ڪو نہ ڪو آڌار لازمي آهي. بنا ڪنهن آڌار جي پوجا ڪرڻ، پاڻ کي دوکو ڏيڻ آهي. جيڪڏهن ڪو آڌار ئي ڪونہ هوندو. تہ پوجا ڪبي ڪنهن جي؟

مهاشيہ: چا اها مورتي ئي تنهنجو پڄوان آهي؟

پڄت: جي ها ۽ جي نہ. جڏهن هن مورتي جي هر اٽو ۽ پرم اٽو Atom ۾ پڄوان وياپڪ آهي تہ اها مورتي بہ بذات خود پڄوان آهي. جيڪڏهن اها مورتي چورائجي وڃي يا پڄي پوي تہ مان ايئن ڪونہ ليکيندس تہ پڄوان چورائجي ويو يا پڄي پيو. مان هن جي جاءِ تي هڪ نئين مورتي آڻي رکندس. پڄوان تہ اهو ساڳيو ئي رهندو، پر ان جو روپ نئون هوندو.

مهاشيہ: پڄوان جون مورتيون تہ قسم قسم جون آهن، پر توکي فقط اها مورتي ڇو پسند آهي؟

پڄت: اهي جدا جدا رنگ ۽ روپ منهنجي هن پڄوان جا ئي آهن. پر جيڪو منهنجو اِشٽ آهي، ان جو اهڙوئي روپ آهي.

مهاشيہ: تنهنجو اِشٽ ديو ڪير آهي؟

پڄت: منهنجو اُپاسيہ ديو تہ پڄوان وشٽو ئي آهي، پر منهنجو اشٽ ديو، انهي پڄوان وشٽو جو هڪ سوروپ، هي ديو آهي، جنهن کي اسين هنومان جي نالي سان ڪوٺيندا آهيون.

مهاشيہ: پر هنومان کي تہ رُدر (شو) جو اوتار ليکيو ويندو آهي؟

پڄت: برهما، وشٽو، شو وغيرہ سڀ هڪ ئي ديو (ايشور) جا جدا جدا نام ۽ روپ آهن.

مهاشيہ: مان تہ نرگڻ نراڪار برهم جو اُپاسڪ آهيان.

پڄت: توهان پنهنجي جاءِ تي غلط ڪونہ آهيو.

مهاشيہ: پوءِ غلط ڪير آهي؟

پڄت: غلط تہ ڪير بہ ڪونہ آهي، پر اڪثر ماڻهن جو درشٽي ڪوڻ Angle of Vision غلط هوندو آهي. ان کي سڌارڻ ضروري آهي.

مهاشيہ: چا تون منهنجي ڳالهہ ڪونہ مڃيندين؟

پڄت: مان توهان کي بہ پنهنجي ڳالهہ تي قائل نٿو ڪرڻ چاهيان.

جيترو واد وواد، جيترو مت پيد ۽ جيتري مخالفت مورتي پوجا جي وشئ Subject تي ٿيندو آهي، ايترو شايد ئي ڪنهن ٻي وشئ تي ٿيندو هجي! پر حقيقت اها آهي تہ مندر بہ ڏٺي رهيا آهن، مورتيون بہ استاپن ٿين پيون تہ انهن جي پوجا بہ ٿيندي رهي ٿي. تنهن ڪري ايئن چوڻ مورڪتا آهي تہ اهي ڪروڙين ماڻهو، جيڪي مورتي پوجا ڪن ٿا، اُهي مورڪ آهن. مُورڪ تہ اهي سڌبا جيڪي فضول ۾ انهن جي نندا ڪن ٿا، پر ڪو ڪڙ تيل اڃا ڪونہ نڪتو آهي.

حقيقت ۾ مورتي پوجا جي نندا ڪرڻ وارا بہ پر متڙيا ٿين ٿا. اُهي پنهنجي ٻڌي ڪان ڪم ونندا ئي ڪونہ آهن. جيڪي هن جي برخلاف ٻڌو، انهي تي اعتبار ڪري ونندا آهن. جيڪڏهن اهي سنجيدگي سان هن وشئ تي غور ڪن تہ بيشڪ اهي بہ انهي نتيجي تي پهچندا تہ اها نندا ڪرڻ انهن جي پُل آهي.

ايئن بہ ڪونہ آهي تہ سڀيئي هندو مورتي جي آڌار تي پڄوان جي پوجا ڪندا آهن. اهڙا انيڪ آڌياتمڪ پنڌي آهن، جيڪي مورتي پوجا طرف رخ ئي ڪونہ ڪندا آهن. ائين بہ ڪونہ آهي تہ سڀيئي پڄت مهاشيہ بہ مورتي پوجا ئي ڪندا آهن ۽ ايئن بہ ڪونہ آهي تہ هڪ پڄت پوري عمر مورتي پوجا ئي ڪندو رهي.

مورتي جي آڌار تي پڄوان جي پوجا ڪرڻ جو طريقو استول ۽ شروعاتي Prelimnary آهي. جيئن ٻار جوان ٿيڻ تي راندیڪا ڦٽا ڪري اصلي موٽر گاڏيون استعمال ڪندو آهي، تيئن مورتي ذريعي پوجا ۾ اِسٽرتا Perfection اچڻ بعد هڪ پڄت پڄوان جي انهي روپ

# مُورتي پوڄا

## Image Worship

مهاشيہ: پولا پڳٽ! اهو ڇا پيو ڪرين؟

پڳٽ: پڳوان جي پوڄا Worship (اُپاسنا)ڪري رهيو آهيان.

مهاشيہ: ڇا تنهنجو پڳوان هي بيجان مورتي آهي؟

پڳٽ: پوءِ پلا پڳوان ڪٽي آهي؟

مهاشيہ: اهو تہ هر هنڌ ۾ هر وقت موجود آهي. تو ۾ توڙي مون ۾ آهي. ڏوڙ جي ڪڻ ڪڻ ۾ آهي. اهڙو ڪو هنڌ ڪونهي، جتي پڳوان نہ هجي.

پڳٽ: تہ پوءِ هو هن مورتي ۾ بہ ضرور هوندو؟

مهاشيہ: مان سمجهي ويس. تون اُن پڳوان جي پوڄا ڪرين ٿو. جيڪو هن مورتي ۾ آهي. پر تون هن مورتي واري پڳوان جي ئي پوڄا ڇو ٿو ڪرين؟ اها پوڄا تہ هرهنڌ ۾ هر وقت ڪري سگهجي ٿي.

پڳٽ: جڏهن پڳوان جي پوڄا هرهنڌ ڪري سگهجي ٿي، تہ مورتي واري پڳوان جي پوڄا ڪرڻ غلط ڪونہ آهي، درست ئي آهي. انسان پوڄا اُتي ئي ڪندو آهي، جتي ايئن ڪرڻ سان ڪيس آنند ملي ۽ ان کي ان جو پنهنجو من قبول ڪري، ۽ ان جو هردو ايئن مڃي تہ پڳوان ان جي پوڄا قبول ڪري رهيو آهي؟

مهاشيہ: ڇا پڳوان تنهنجي پوڄا قبول ڪري ٿو؟

پڳٽ: اِها تہ مون کي خبر ڪانہ آهي، پر پڳوان مون کي اڇي ايئن بہ ڪڏهن ڪونہ چيو آهي تہ "مون" کي تنهنجي پوڄا قبول ڪونہ آهي." ڏسو مهاشيہ! ڪڏهن ڪڏهن ڪو بيمار پتا ڪاوڙجي اولاد کي چوندو آهي تہ مون کي توهان جي سيوا چاڪري جي ضرورت ڪانهي، تہ ڇا اسين ان جي سيوا ڪرڻ ڇڏي ڏينداسين؟

مهاشيہ: ڇا پڳوان کي اسان جي اهڙي پوڄا اُپاسنا جي ضرورت آهي؟

پڳٽ: منهنجي اندر جيڪو پڳوان ويٺو آهي، اهو مون کي اهڙي پوڄا لاءِ پريرٽا Inspiration ڏيندو آهي، تنهن ڪري آءُ سمجهان ٿو تہ اها منهنجي لاءِ ضروري آهي. پڳوان جي تہ پڳوان ئي ڄاڻي.

مهاشيہ: پربرهم پرماتما تہ نرگڻ ۽ نراڪار Attributeless & Formless آهي، تنهن ڪري ان جي پوڄا هن نموني ٿي بہ نٿي سگهي؟

پڳٽ: ساڳئي وقت پربرهم پرماتما سروَ سمرٿ Omni Potence ۽ سروَ شڪتيوان Omni Potent بہ آهي. تنهن ڪري هو سگڻ ساڪار With Form & Attribates بہ ٻڌجي سگهي ٿو. اها ڳالهہ توهان بہ قبول ڪندؤ!

مهاشيہ: ٺيڪ آهي. پر تون انهن راندِيڪن کي ڇڏي، انهي روپ کي پنهنجي هرهڪ ۾ ڌارڻ ڪري، ان جي مانسڪ پوڄا Mental Worship بہ تہ ڪري سگهين ٿو؟

پڳٽ: هن ڏِس ۽ هن ميدان ۾ مان اڃا ٻار آهيان. جڏهن وڏو ٿيندس تہ اهي راندِيڪا خود بخود ڇُٽي ويندا. مان پڳوان جي هن روپ جو آراڌنا ڪرڻ وقت، ڌيان Meditation تہ ضرور ڪندو آهيان، پر اهڙو روپ مان هر وقت پنهنجي من ۾ نٿو ڌارڻ ڪري سگهان. انهي نموني اڃا مان مانسڪ پوڄا ڪرڻ سکيو بہ ڪونہ آهيان. تنهن هوندي بہ في الحال مون کي هن وئڪري، استول ۽ ظاهري External پوڄا ۾ عجيب آنند ملي پيو. پوءِ مان هٺ يا جبر سان هن جو تياڳ ڇو ڪريان! جڏهن تہ مان مانسڪ پوڄا نٿو ڪري سگهان.

سرير مليو آهي شيوا لاءِ هي ماتا! گهر جي ورتڻ پنهنجي هٿن سان ڪر. ان مان تندرستي وڌي ٿي ۽ دل کي خوشي ملي ٿي.

جيو جيسين ڪرم ڪري رهيو آهي تيسين جيئرو آهي. جڏهن ڪرم ڪرڻ ڇڏي ٿو تڏهن مردو آهي. جي توکي حياتي پياري آهي ته سرهائي سان سڀ ڪم ڪار ڪندو رهه.

جيئن ڪنجي ڪم آڻڻ بنا ڪٽجي وڃي ٿي. تيئن سرير، بنا پورهئي بيمار ٿي پوي ٿو. هڏ هلاءِ. پنهنجو ڪم نه هجي ته ٻين جي شيوا ڪر. سياڻن جو قول دل تي رک ته "بيڪار کان بيگار پلي آهي" سرير پورهئي ڪرڻ سان سرهو رهي ٿو. نڪمو ماڻهو نه رڳو ٻين تي بار آهي پر پاڻ تي به بار آهي. ڇو ته ڪيس پنهنجو سرير ڪٽڻ به وڏو بوجھ ٿو لڳي:

هي ماتا! گهر جي صفائي، چند ڦوڪ ۽ اتي ويني رڌڻ پچائڻ، سوئڻ سٽ ڪي يڳوت شيوا سمجهي ڪندي ره ته ڊيگڙي ۾ ڪيوي گهمائڻ مهل، جو ڪڙڪو ٿئي ٿو. ان ۾ به "اوم" جو آلاپ ٻڌڻ ۾ ايندءِ ۽ جنهن مهل چانور ٽهڪندا تنهن مهل "سوم" جو مڌر گيت ٻڌندينءَ.

جيڪڏهن گهر جي ورتڻ ڪندي گيان جي اوڇي منزل هٿ ڪرڻ چاهين ته پنهنجي گهر ۾ مندر جي ڀاونا پيدا ڪر. ۽ پنهنجي پريم ۽ شيوا جي وسيلي سچ ڀڃ مندر ٺاهي ڇڏينس.

جنهن کي گهر جو سڪ نه آهي ان کي دنيا دک روپ ٿي لڳي. جنهن جو گهر پريم ۽ آنند جو مندر آهي. دک ان جي ويجهو به نٿواچي سگهي.

يڳوان ماڻهو کي بک ۽ اڃ انهي ڪري بچي ته ماڻهو پورهيو ڪري تن من کي سڪي رکي. انهي مان ئي پڌرو آهي ته پورهيو ڪرڻ آهي يڳوان جي سچي يڳتي ڪرڻ. اهو گرهستي، جو دل جي صفائي ۽ سرهائي سان پورهيو ڪندو رهي ٿو سو سچي سنياسي کان مٿي نه آهي ته گهٽ به نه آهي.



رام ايودَيا ۾ آنا، وو آنا رگھوناٿ دُلهاري

نيتي ڌرم ڪو ناس پيڙهي، پاکنڈ پر وشواس پيو هي،

نيتِي کا راستا بتانا، بتانا رگھوناٿ دُلهاري.

پريم کي کارڻ پيلٹي تاري، گوتم ناري اهليا اُڌاري،

پريم کا پاٺ پڑھانا، پڑھانا رگھوناٿ دُلهاري.

ڪرم ڌرم اور شرم نهين هي، ماتا پتا کا مرهم نهين هي،

مريادا آکر سکانا، سکانا رگھوناٿ دُلهاري.

سيتا ستي جيسي ناري نهين ، لچمڻ جيسا پائي نهين هي،

پولُون کو راستا بتانا، بتانا رگھوناٿ دُلهاري.

ٻالي راوڻ راکشس ماري، پاٽي ۾ پرپو پٽر تاري،

سنڌو سي ٻنڌُو ترانا، ترانا رگھوناٿ دُلهاري.

# گھرءِ گھر جي ماتا

چوٽي آهي تہ "پنهنجو گهر، گرو جو در." جو منش پنهنجي رهٽي دوران انهي چوٽي کي سچ ڪري ٿو ڏيکاري، ان جو گهر سچو گهر آهي.

پريم ۾ ميلاپ کي گهر ٿو چئجي، ۽ نہ ڪلڪل کي گهر جي گهپي ۽ ڪلڪل سڪئي گهر کي بہ نرڪ بنائي ٽي ڇڏي. گهر تہ گهر ڏياٽي، جتي گهر ڏياٽي ڪانهي اهو گهر ڪهڙي ڪم جو؟ گهر جي ماتا آهي گهر جو سوجهرو!

سشيل ماتا اولاد جي بختن جو ٽنيو ۽ سکن جو پيل پاڻو آهي. جو هار گٽوان ماتا جي گود ۾ پلجي ٿو ان جي پاڻن جي ساک ڪهڙي ڪجي!

سيني جو پهريون ۽ سچو گورو تہ ماتا آهي جيڪي سؤ استاد سيکاري نٿا سگهن، سو گٽوان ماتا فقط اک جي اشاري سان سيکاري سگهي ٽي. ڪُ رسمن جي پيروي نہ ڪر. لوڪ پرلوڪ جو سک چاهين تہ ڏي وٺ جي بيڙي رسم کان پري رهہ.

جنهن پنهنجي ماتا جي سچي دل سان شيوا ڪئي ۽ آسيس ڪتي، ان هن دنيا مان چگو فصل لٽيو.

جو گهر نوڪرن جي حوالي آهي ان ۾ نہ صحت آهي نہ سک. ڪاڏي جي شي هميشہ پنهنجي هٿن سان تمام صفائي سان تيار ڪرڻ گهرجي.

گهر چئجي جتي هر ڪا شي ٽانئيڪي رکي هجي. سڀ ڪنهن شي جي رکڻ جي جاءِ مقرر هجي ۽ گهرج مهل، سيڪا شي پنهنجي مقرر جاءِ تان يڪدم ليجي سگهي.

جنهن گهر ۾ استري جو سُک پرڪٽ نہ آهي انهي گهر ۾ رهڻ کان پرديس جو دک ڀوڳڻ ڀلو آهي.

هي ماتا! سادگي ۾ سک آهي. صفائي ۾ صحت آهي. شيوا ۾ جيوت جو آڌار آهي. تنهن ڪري پنهنجي سنتان کي سادگي، صفائي ۽ شيوا جا گڻ سيکار. پنهنجي اولاد کي ورثي ۾ اهو ڪجهہ ڏي جنهن کي پائي اولاد پنهنجي پتا ماتا جو عمر پر جس ڳائيندو رهي. نالو روشن ڪندو رهي. دولت ورثي ۾ ڏيڻ مان اهڙي اميد رکي نٿي سگهجي. جو تہ دولت مغرور ڪري ٽي ۽ زندگي وشي رس ۾ برباد ڪري ٽي ڇڏي.

هي ماتا! جي پانئين تہ وڏي هوندي تنهنجا بالڪ تنهنجو جس ڳائين تہ کين ورثي ۾ ڏي شپ گڻ ست شاستر برهم وديا.

جا ماتا پنهنجي بالڪ کي ست شاستر وٽي ڏي ٽي سا ڪيس لوڪ پرلوڪ جا سڀ سک بخشي ٽي.

گهر جي ورتڻ

هي ماتا! توکي گهرجي تہ گهر کي مندر بٽائين ۽ گهر جي ورتڻ کي اهڙي طرح ڪڙين جو اهائي پرماتما جي پوجا بڻجي پوي.

جو پنهنجي گهر جو ورتڻ پوري طرح ڪري ٿو اُن کي ٻيءِ ڪنهن بہ پوجا ڪرڻ جو ضرور ڪونهي.

هي ماتا گهر جي پاٽين کي ٺاڪر سمجهہ ۽ گهر جي ورتڻ کي ٺاڪرن جي پوجا ڪري پائئہ. جهڙي پاوَ سان گهر جي ورتڻ ڪئي وجي ٽي اهڙو ئي اُن مان سک يا ہنڌن ۽ موکش جو ڦل ملي ٿو. ڪرڪي ڪم ڪرڻ آهي نرڪ جو دک ڀوڳڻ ۽ خوش ٽي ڪم ڪرڻ آهي سرڳ جو آنند ماڻڻ.

استري ۽ پتي جو پاڻ ۾ سچو پيار تڏهن قائم ٽئي ٿو جڏهن ٻنهي جو پيار هردي ۾ ويڙل پرماتما ڏانهن مائل ٽئي ٿو.

"پتورتا پنهنجي پتي جي شيوا مان جو ڦل پائي ٽي سو رشي مني گهڻي تپشيا ۽ ڪشٽ کان پوءِ مشڪل سان پائين ٿا."

(Attachment) روپي دوشن کي جيتيو آهي ۽ جن جي استتي هميشہ پرماتما جي سروپ ۾ آهي جن جي کامنا چگي طرح ناس ٿي ويئي آهي اهي گياني پرش سک دک نالي دوند (مخالفتي جوڑن Duality) کان مکت ٿيل ابناشي پرم پد کي پراپت ٿين ٿا.

10- اڌياءِ 9 شلوک 34 :

من منا يَوَمد يگتو مڈياجي مام نمس کُروُ

مامئي وئيشيہ سي يُکت وئيوَم آتمانم مت پرايڻ ہ

**اَرٿ:** مون ۾ من لڳاءِ. منهنجو پگت ٿي. منهنجي پوجا ڪر. مونکي نمسکار ڪر. ان ريت مون ۾ من لڳائي. منهنجو ئي آسرو ڪندي تون مون کي پائيندين.


11- اڌيايہ 18 شلوک 66:

سَروَ ڈَرمان پَري تيجيَہ. مام ايکَمَ شَرڻَم و رِجَ.

اَهَم نوا سَروَ پاپي پِيو موکشيشِيامِي ما سُچَھ.

**ارٿ:** سيني ڈرمن کي تياگ ڪري. فقط هڪڙئي منهنجي شرڻ وڃ. مان توکي سيني پاپن کان مُکت ڪندس. تون چنتا نہ ڪر.

## ستنام واهگرو



شهنشاهه سچي پاتشاهه ستگرو نانڪ ديو صاحب جن جي 542 هين جنم مها اُتسو 10 آڪٽوبر 2011 تي پاڪستان ۾ رهندڙ تمام هندو ۽ سک برادري کي گُرو جنم جو لک لک واڌايون ۽ شبڪامنائون.

**راجا آسرمل منگلاڻي**

صدر پاڪستان هندو ڪائونسل

## چگا لڇڻ

ڪاغذ جي گل ۽ باغ جي گل ۾ فرق رکواهو آهي تہ ڪاغذ جي گل ۾ سڱنڌ ڪانهي ماڻهو جنهن ۾ ادب ۽ مروت نہ آهي سو ڪاغذي گل وانگر آهي. حياتي جي وڃ جو ڪل نہ آهي دولت. نہ علم. نہ عقل ۽ نہ اولاد. نيڪي اهو ميوو آهي جو حياتي جي وڃ کي امر ڪري ٿو. جو پاڻ چگو آهي سو سڄي جهان کي چگو سمجهي ٿو. چا! سائي عينڪ مان سڀ ڪجهہ سائو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟

# نتيہ پاٺ ڪرڻ يوگيہ گيتا
# جا چونڊ شلوڪ

1- 9/18 اڌيايہ:

گتِ پرتا پرِيُو ساڪشِي نِواس ہ شرٹم سُهرت

پرِيوَہ پرليہ ستانَم نِڌانم بيجم وِيَيَم

**ارٿ:** آءُ گتي ڪندڙ، پالنا ڪندڙ، سوامي، ساڪشي، رهڻ جو استان، اجهو، سُهرديہ اُتپتي ڪندڙ، آڌار، پرلئ استان ءِ اوناشي بيج آهيان.

2- اڌيايہ 4 شلوڪ 7:

يَدا يَدا هِي ڏرمسيہ گلانِي رِيُوَ تي پارت،

اِبيوتٿانَم اَڌَ رمسيَہ، تدا آتمانَم سَرجاهي آهَم.

**ارٿ:** هي اَرجن،جڏهن جڏهن ڏرم جي هاڃي، اڌرم (پاپ) جو واڌارو ٿئي ٿو. تڏهن ضروري آهي (تہ) مان پاڻ کي (پنهنجي روپ) پرگهٽ ڪريان ٿو.

3- اڌيايہ 4 شلوڪ 8:

پَريترانَايہ ساڌُوَ نام وِناشايہ چ دُشڪِرتام "

ڏرم سَنستا پن اَرتا يَہ، سَمبوامي يُگي يُگي.

**ارٿ:** ساڌو پُرشن جي رکيا ڪرڻ لاءِ ءِ پاپين جي ناس ڪرڻ لاءِ ءِ ڏرم کي قائم ڪرڻ لاءِ، هر هڪ جُگ ۾ پرگهٽ ٿيان ٿو.

4- اڌيايہ 2 شلوڪ 47:

ڪَرمَڻي واڌِ ڪار ستي ما قَليشُو ڪَداچَن،

ماڪرم قل هيتُور يُور ماتي سنگ هہ آستَوَ ڪَرمَڻي.

**ارٿ:** تنهنجي ڪرمن جي ڪرڻ ۾ ئي اَڌيڪار يعني يوگتا آهي (ءِ) ڪرمن جي قل ۾ ڪڏهن بہ (اڌڪار) نہ آهي. ءِ ڪرمن جي اِڇا وارو ٿون نہ ٿي ءِ تنهنجي پريت ڪرمن جي نہ ڪرڻ ۾ بہ نہ ٿئي.

5- اڌياہ 2 شلوڪ 56:

دُکيشُوَانُو دِوِگن مَناهہ، سُکيشُو وگت سَپرَهہ،

وِيت راگ بَيَہ ڪِروڌَهہ، سِتتي ڌِيرمُني راُچيتي.

**ارٿ:** دکن ۾ جنهنجو مَن لوڏا نٿو کائي، سُکن ۾ جنهن جي چاهنا ناس ٿي ويئي آهي. جنهن موهہ، ڊپ ءِ ڪروڌ تياگيا آهن (انهي کي) اَستر بُڌي وارو مُني چئجي ٿو.

6- اڌيايہ 3 شلوڪ 35:

شريَان سوَ ڌَرمو وِگُڻ هَ پَرڌَرمات سوَ نُشِٹ تات،

سوَ ڌَرمي نِڌنَم شرييهہ پَرڌَرمو بَياوَهہ.

**ارٿ:** پرائي سُٺي ءِ سَولي ڏرم کان، پنهنجو گڻ رَهِت ڏرم اُتم آهي. پنهنجي ئي ڏرم ۾ ناس ٿي وڃڻ سريشٹ آهي. پرائو ڏرم يوءِ ڈيڻ وارو آهي.

7- اڌيايہ 8 شلوڪ 13:

اوم اِتي ايڪ آڪشَرم برهم وياهَرن مام انُوسمَرن،

يَهہ پرياتي تَيجَن ديهَم سَ ياتي پَرمام گتيَم.

**اَرٿ:** اوم (اهو منتر) هڪ اڪر روپ برهم جي نالي جو اُچارڻ ڪندي، منهنجو سمرن ڪندي جو (پُرش) شرير کي چڈي ٿو وڃي، اُهو پُرش اُتم گتي کي پهچي ٿو.

8- اڌيا 9 شلوڪ 29:

سموا هم سَروَ بُوتيشُو نہ مي دُويشُو استي نہ پريہ ہ

يي پجينتي تُو مام پڪتيا ميي تي تيشُو چاپيَهم

**ارٿ:** آءُ سڀني پراڻين لاءِ سمان (هڪ جهڙو) آهيان. مونکي ڪوبہ پيارو يا دشمن ڪونهي، تڏهن بہ جيڪي پُڄتي سان مونکي پُجين ٿا اهي مون ۾ ءِ آءُ انهن ۾ آهيان.

9- 15/5 اڌيايہ

نِرما نہ موها جِت سنگ دوشا، اڌياتم نِتيا ون ورت کا ماهہ

دِوندوئي وِمُکتاهہ سُک دُک سنگئي، گچنتيہ موواہ پدم وَيَيَم تت

**ارٿ:** جن جو مان موهہ ناس ٿي ويو آهي ءِ جن آسڪتي

(ii) ساڳي نموني شڪر وار ڏينهن روزانہ 11 مالها، تنهن کان پوءِ روز هڪ مالها، هيٺ ڏنل منتر جاپ ڪري، ڳاڙهو آسن ۽ لعل ڪپڙو پائي ساڌنا، شڪر وار رات جو 10 بجي بعد ڪبي آهي.

منتر= اوم لڪشمي مها ديوي ڪرپيا داييني سب ڪاريہ ساڌو ميري جيون سِدّي نمامي اوم شِريم هِريم تشريم ڪاريہ پورڻ ڪرو ديوي ڪوش سِدّي م واچا مها ديوي ڪي.

## لڪشمي ديوي جا مکيہ منتر

1- هڪ اکر وارو "اوم شِريم"

2- چار اکرن وارو "اوم ائيم شريم هِريم ڪِليم"

3- ڏهہ اکرن وارو "اوم نمهہ ڪمل واسنئي سواها"

4- لڪشمي گايتري منتر "اوم مهالڪشمي ش چ وِدمهي ، سرَوَ سِدّي ش چ ڈِي مِهي تنُو ديوي پرچو ديات

5- ٻارهن اکرن وارو منتر "اوم ائيم هِريم ڪِليم هسئو هسئو جگت پرسُتيَئي نمهہ"

6- "اوم شِريم هِريم ڪِليم ترپوَن پالنيي مهالڪشمي اسماڪُم داريدريم ناشيہ پرُجورم ڈنم ديهي ديهِي ڪِليم هريم شِريم اوم" هميشہ جائز طريقي سان لڪشمي يا ڈن مايا اچڻ لاءِ پرارٿنا ڪجي جيئن گهر م سک شانتي برڪت رهي ۽ گهر جا افراد ترقي جي منزل تي اڳتي وڌندا رهن. پرماتما "ڪيڙي کي ڪڻ ته هاٿي کي منّ" ڏيڻ وارو آهي. پاونا شڌ، ويچار شُڌ ته منزل آسان. پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ ڈن پرماتما جي راهہ م خرچ ڪرڻ. لوڪ ڪلياڻ جي ڪمن م ڪتب آڻڻ سان منش جي يش ۽ ڪيرتي وڌي ٿي ۽ برڪت ٿئي ٿي. پرماتما ڪِرپا ڪنجوس تي ڪڏهن بہ خوش نٿو رهي. سچو آنند لوڪ سيوا ڪرڻ م ملندو آهي. "جڻ سيوا جنارڈن سيوا" لڪشمي جي ڪيرتن ڈني (ڪورس م گڏجي ڪري ڳائجي)

اوم شريم مهالڪشمي يئي سواها.

اوم شريم مهاڪشمي يئي سواها

1- منتر ڪا جاپ ڪرتا جا ڈني بيٺ ڪر چت سي لگا

2- پرپو ڪا گڻ گان توگا ڈن دولت بڑهاتا جا

3- سڪ سنپتي پاتا جا منتر ڪارڻ ڪرتا جا

4- اپنا ہل بڑهاتا جا جگت م ڪيرتي پاتا جا

5- پريم ڪا ڈنڪا بجاتا جا آنند ڪي گيت گاتا جا

6- ياگ اپنا بناتا جا پريم ڪي گيت سُناتا جا

7- ست ڪي مارگ چلتا جا سچ ڪي راهہ دڪاتا جا

8- موج مستي اُڙاتا جا اپني ڪشٹ مٹاتا جا

9- نيم سي مندر م آتا جا پرپو سي پريم ڪرتا جا

10- برهم ڪا گيان پاتا جا دوسرون ڪي دڪ مٹاتا جا

مهالڪشمي منتر سَروَ سِدّي، دريدرتا ناش ۽ سنپتي ڈن پراپتي لاءِ: روزانہ ست مالها نہ ٿ گهٽ م گهٽ هر روي وار (آچر) جو ست مالها جاپ ڪجي ۽ 21 روي وار تائين بنا بريڪ ناغي چالو رکجي. گيهہ جو ديپ يا تل جي تيل جو ڈيئو ڈوپ اگربتي نيم وڏي ٻاندر ڪجي.

"اوم ائيم هريم ڪِليم پڑبرهم پرميشوري مم سَروَ ڪارياٿي سِدّي م ڪُرو آپدي م نواريہ نواريہ سيگهرم ڈن پراپتي م ڪُرو ڪُرو سواها."

پنج امرت (چرڻامرت)= 1- گانءِ جو ڪير، 2- گيهہ، 3- ڏهي، 4- گنگاجل ۽ 5- ماکي.

پنج پلول= 1- بڑ جو پن، 2- گولر جو پن، 3- پيپر جو پن، 4- انب جو پن ۽ 5- بيل پتر پن اهي پوجا م استعمال ٿيندا آهن ۽ روگ ناس ڪرڻ جي خاصيت رکن ٿا.

پنج رتنَ= 1- سون، 2- چاندي، 3- تامون، 4- مونگو ۽ 5- موتي

پنج تتوَ: 1- پون، 2- اگني، 3- جل، 4- آڪاش ۽ 5- پرٿوي.

سرشٽي جي هر شيءَ انهن پنج تتوَن مان ٺهيل آهي. سريرم روگ بہ انهي تتون جي ميلاپ م گهٽ وڌ Im-Balance ڪري ٿيندو آهي نوگرهن جو اثر بہ تتوَن تي ٿيندو آهي ۽ ٽوٽڪا يا اُتار سان بگڙيل حالات سڌاري سگهجن ٿا.




ديوالي رات تي، مهالڪشمي جي پوڄا ڪرڻ جو آسان ۽ نندو طريقو:اشنان پاڻي ڪري، پويتر ڪپڑا پائي، سج لهڻ بعد، شبِ مهورت ۾، هڪ باجوٹ (لڪڑي جي تختي) تي ڏيڊ ٻه فٹ چورس ڳاڙهو ڪپڑو وڇايو. انهي تي مٽيرو ساڄي پاسي سواستڪ يا ساڪيو چانور سان ناهجي ان تي گڻيش مورتي يا ثابت سُوپاري رکجي. کاپي پاسي لڪشمي جي مورتي يا شڪل رکي ان جي اڳيان چانورن جي ڍڳلي تي شري ينتر ڏاتو تي نهيل يا ڪاغذ تي ٻٽايل پلاسٽڪ چڙهيل رکجي. هيٺ ساڄي پاسي چانورن جي ڍڳلي تي گيهه جو ديپ ڪجي (ڇؤمکو ديپ چار وٽن وارو بهتر ٿئي) ۽ کاپي پاسي چانور ڍڳلي تي ڪلش (جل لوٹو) تي پنج پان پتہ يا پيپر پن رکي مٿان ناريل رکي. شري ينتر، گڻيش مورتي سُپاري کي گنگاجل يا پنچامرت يا زعفران پاڻي سان پهرين شنان ڪرائي پوءِ رکي. گڻيش کي سيندور جو تلڪ ۽ شري ينتر، لڪشمي ۽ ڪلش کي ڪنکو تلڪ ٻه ڪجي. ديپ اجول ڪري، ڏوپ اگربتي لعل گلاب ڪمل گل، مٺائي، ڪيرٹي فروٹ جي نئويد چڑهائي. آخر ۾ هٿ جوڙي نمسڪار ڪري، پرارٹنا ڪري، گهرجا سب ياتي ملي آرتي اُتارين.جيڪڏهن گڻيش منتر، لڪشمي چاليسا، استوتر، شري سوڪت اشٹ لڪشمي استوتر وغيره پڙهڻ اچي تہ هي پڙهجن تہ سڀ ۽ اُتم ٿيندو. نندو هُون يگيہ انب، کيجڙي جي ڪائين سڪل پن ڪوپرو ڪافور جلائي گيهه جو ۽ تل جون گهٹ ۾ گهٹ 108 آهوتيون هيٺين منترن سان ڏجن تہ پوجا گهٹي ياگي پورن چئي سگهجي ٿي.

منتر1: "اوم شريم اوم"

2- "اوم شريم مهالڪشمييئي سواها"

انهي ڪانسواءِ عورتون لڪشمي جا سڳڑا يعني 16 ورت ٻڌي مهيني ۾ شڪل پڪش سهائي آٹم ڪان شراڌ آٹم تائين رسم مطابق رکنديون آهن. شڪر وار (جمع) ڏينهن وٹيو لڪشمي يعني اشٹ لڪشمي جا 11 يا 21 ورت ڪٹا ڪري سولي طريقي رکبا آهن. ڏکڻ هندستان ۾ ساوڻ مهيني جي شڪل پڪش جي آخري شڪر وار تي عورتون ورت رکي تهوار طور ملهائيندين آهن لڪشمي جو پوجن نہ صرف ڏڻ پر هر ٻئي قسم جي سک سنپتي، مسئلن جي حل ڪرڻ، لاءِ ٻہ ڪبو آهي. مهالڪشمي شڪتي جو آدي پايو آهي ۽ گهر ۾ ڌن خوشحالي آڻي ٿي. آسان ۽ نندو تانترڪ پريوگ(طريقو) مهالڪشمي جي پرسنتا حاصل ڪرڻ، پئسي ڌن سمپتي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، آسان تمام نندو تانترڪ پريوگ. ساڌنا ڪرڻ لاءِ شڪروار (جمع) ڏينهن شروع ڪجي. ساڌنا شروع ڪرڻ وقت اُتر طرف منهن ڪري ويهي، مهالڪشمي تصوير يا مورتي اڳيان گيهه جو ديپ ڏوپ اگربتي ڪري، سنڪلپ ڪجي تہ مان فلاڻو ذات گوتر شڪروار ماس سنبت فلاڻي تي مهالڪشمي ديوي جي پرسنتا لاءِ ساڌنا ڪريان ٿو. ماتا منهنجو مالي مسئلو حل ڪر جيئن منهنجو سڪ ميہ جيون گذري. صرف هڪ مالها جاپ روزانہ ڪجي ٹوٹل 11 ڏينهن لاءِ جاپ لاءِ خاص ڪمل گٹا مالها استعمال ڪجي.


منتر: اوم شري شُڪلي مهاشُڪلي مهالڪشمي نمو نمہ لڪشمي مائي ست ڪي سوائي آوو چيتو ڪرو ٻلائي، ٻلائي نا ڪرو تو سات سموندرون کي ڌُهائي رڌي سِڌي ڪوائي تو نونات چوراسي سِڌون کي ڌهائي.

# مهالڪشمي ورت ۽ پوڄا



وشنو پران جي ڪٿا مطابق درواسا رشي جي سراپ ڪري ديوتائن کي سرڪ ڇڏڻو پيو. دئيتن اڇي سرڪ تي قبضو ڪيو. تڏهن لڪشمي ديوي کير ساگر ۾ اڇي واس ڪيو. برهماجي چوڻ تي ديوتائن ۽ دئيتن گڏجي کير ساگر ولوڙيو ته انهي منجهان چوڏهن رتن نڪتا. پهريون مهالڪشمي هئي ۽ چندر پڻ نڪتو. انهي ڪري لڪشمي کي سموندر جي پُتري ۽ چندرما جي پيڻ چيو ويو آهي. لڪشمي ديوي نارائڻ ڀگوان جنهن کي وشنو به چئبو آهي ان جي پرڀ ۽ پتني بڻي. مهالڪشمي وشنو ڀگوان جي شڪتي جو نالو آهي جيڪو جڳت کي پالڻ پوشڻ جو ڪم ڪري ٿو. لڪشمي يا مايا کي هرڪو ماڻهو جائز ناجائز طريقي سان جمع ڪري رکڻ پسند ڪندو آهي. هن دور جا ماڻهو ته صرف پئسي جا پوجاري بڻجي ويا آهن ڏرم نيتي اخلاق اصول صرف ڪتابن جا اکر رهجي ويا آهن. معزز ۽ وڏي ماڻهو جي سڃاڻپ ڏن سان ڪئي وڃي ٿي. اها حقيقت رهي آهي ته وڏن رشين وشيشٺ ۽ وشوامتر جي آشرمن ۾ پڻ جهجهو ڏن هو. پر اها لڪشمي هنڌ وڌيڪ عرصو ٽڪي رهي نٿي. جيترو عرصو چاهيندي آهي مرضي مطابق رهي پوءِ هلي ويندي آهي. اڪيلي لڪشمي جي سواري اُلو پکي تي آهي پر جڏهن وشنو ڀگوان سان گڏ هوندي آهي ته گروڙ تي سواري ڪندي آهي. نارائڻ ڀگوان سان گڏ هڻڻ وقت اها فائدي واري رهندي آهي ۽ گهٽو وقت ٽڪي رهي ٿي. لڪشمي کي "شري" به چئبو آهي مطلب ياڳ Godess of Wealth and Good Luck مطلب ته پرماتما جي مقرر ڪيل ڏرم نيتي جتي هوندي ته لڪشمي يا مايا به فائدي واري رهي ٿي. چوٿي آهي ته لڇمي به لڇڻ سان ايندي آهي. ورنہ ناجائز طريقي سان گڏ ڪيل مايا اُلو وانگر انڌي هجي ٿي ۽ هاجي ڪارڪ بربادي ڪندڙ بڻي ٿي. مهالڪشمي جي پوڄا اٺ لڪشمي جي روپ ۾ ڪئي آهي. 1- آدي لڪشمي، 2- ڌانيہ لڪشمي، 3- ڌيريہ لڪشمي، 4- گج لڪشمي، 5- سنتان لڪشمي، 6- وجئ لڪشمي، 7- ودیا لڪشمي ۽ 8- ڌن لڪشمي. اٺ قسمر جو لاپ ڏيڻ واري 1- شري (ڌن)، 2- سرسوتي (ودیا ۽ گيان)، 3- پرتي (پريم)، 4- ڪيرتي (يش ناموس)، 5- شانتي (امن Peace)، 6- تشٽي (آسائش)، 7- پُشٽي (طاقت Strength) ۽ پوه (پرٿوي زمين) اٺ لڪشمي انهن نالن سان به چئي ويئي آهي.

لڪشمي جي پوڄا لاءِ خاص ديوالي وارا ڏينهن هوندا آهن. ديوالي رات جو مهالڪشمي ديوي جو پوجن هرهندو جي گهر ۾ ٿيندو آهي. ڪارتڪ اونڌاهي تيرس تٽ کان ٻيج تائين گهر ۾ گيهہ جو ديپ جلائي "اوم شريم" جي جاپ ڪرڻ سان گهر مان ڪٻ پٽ جهڪڙي، وارا واسُتو دوش (مڪان ۾ نقص، خراب اثر) ختم ٿين ٿا. آفيس، فيڪٽري مل وغيره مان ڏنڊي ۾ نقصان، مال جي پيداوار ۽ وڪري وغيره جا مسئلا ملازمن سان جهڪڙو وغيره وارو واسُتو دوش ختم ٿئي.



# پريم پتر

## انجنيئر هوتچند ڪرماڻي

ميمبر مينيجنگ ڪميٽي
پاڪستان هندو ڪائونسل

**پاڪستان هندو ڪائونسل کي ست سال ٿي ويا آهن. جنهن ۾ ڪافي شيوا جا ڪم ٿيا آهن.وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.**

400 کان وڌيڪ ميمبر آهن هڪ طرح سان سنڌ جي هر شهر جي نمائندگي موجود آهي، هي هن ليول جو هڪ واحد ادارو آهي. سڀ ميمبر پنهنجن ڪمن ڪارن کان ٽائيم ڪڍي شيوا جي ڪمن ۾ حصو وٺن ٿا. ايتري قدر هر هندو کي اداري جي مضبوطي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

هئڊ ائين گهرجي ته صرف هڪ ڪال تي پوري ملڪ جي هندو آبادي گڏ ٿي وڃي، جيڪا ملڪ جي ۾ هندو ڪميونٽي لاءِ خاص طور ترقي لاءِ ڪم ڪري.

ايندڙ سال پاڪستان هندو ڪائونسل جي چوندن جو سال آهي. مخلص شيواڏارين کي اڳتي اچڻ گهرجي.

مالي سهايتا جي هميشہ ضرورت رهندي آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪوبہ ڪم ٿيڻ نٿو سگهي. سرنديءَ وارن کي اڳتي اچڻ گهرجي،توهان جي هڪ هڪ پائي امانت طور تي شيوا جي ڪمن ۾ ڪم ايندي. ڪو سخي دل وارو هڪ ميت بس يا ايمبولينس جو ڪم بہ پنهنجي ذمي کڻي ته وڏي ڳالهہ ڪونهي پر هڪ وڏي شيوا لکي ويندي.

هندو ڪميونٽي هميشہ شيوا جي ڪمن لاءِ دنيا پر ۾ مشهور آهي. پُراڻي زماني جا اسڪول، اسپتالون، هاسٽلون اڄ بہ اُن جي گواهي ڏين ٿا. آخر هرهڪ کي هلٽو آهي، هن دنيا ۾ مشڪلاتون ته آهن، هڪ ادارو اهڙو هئڊ گهرجي جتي ملڪ يا صوبي ليول تي مسئلا سامهون اچن جيڪو هندو ڪائونسل ڪنهن حد تائين پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هر هندو جو ڪم آهي ته پنهنجي وِت آهر پاڪستان هندو ڪائونسل جي سهايتا ڪن ۾ گهٽي کان گهٽا ميمبر ٿي پنهنجي ٿي آواز کي مضبوط ڪن. ننڍا ننڍا ڪم ميت بس، ايمبولينس شيوا، تعليم ۾ علاج لاءِ ضرورت مندن جي مدد کي وڌائڻ جي ضرورت آهي.

سڀ ڳالهيون گهمي ڦري انهيءَ ڳالهہ تي اچي پهچن ٿيون ته هر هندو هر لحاظ کان تعاون ڪري.

رکان اُميد ڪريو تعاون



# پريم سنديش

## مهيش ڪمار تلريجا


نائب صدر


پاڪستان هندو ڪائونسل

اڄ تمام وڏي خوشي جهڙي ڳالهه آهي ته 7 سال پهرين شروع ٿيندڙ پاڪستان هندو ڪائونسل اڄ هڪ اداري جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي. جنهن اداري ۾ تقريباً هر علائقي جي نمائندگي موجود آهي. پاڪستان هندو ڪائونسل پاڪستان ۾ رهندڙ تمام هندو برادري جي بنا ڪنهن پيد پاو جي شيوا ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ رهندڙ هر هندو، ڪائونسل جو ميمبر ئي آهي ۽ اُنهن دوستن جي سهڪار سان ڪافي فلاحي ڪم ٿي رهيا آهن. ايان بہ وڌيڪ جدوجهد ۽ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهين ائين ئي ساڻين جو تعاون رهيو ته پاڪستان هندو ڪائونسل ايان بہ وڌيڪ پنهنجو ڪار وهنوار سهڻي نموني هلائيندي.

اڄ هن ڪڏيل شادين (ساموهڪ وِواهه) جي موقعي تي مان جَس ۽ واڌايون ڏيڻ ٿو اسان جي پيٽرن ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي صاحب، صدر راجا آسرمل منگلاڻي صاحب ۽ هر اُنهي ميمبر کي جنهن ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان انهي شبہ ڪاريہ ۾ حصو ورتو.

آخر ۾ ڏڻي ڏر پرارٿنا ڪريان ٿو ته اڳتي بہ پاڪستان هندو ڪائونسل اهڙا سوشل، ڌارمڪ ڪاريہ جاري رکندي ۽ اسان جو پيارو پاڪستان بہ ترقي جي راهن تي گامزن رهي.





# وزيراعليٰ سنڌ جو خصوصي پروگرام

# هيپاٽائيٽس کان پاڪ سنڌ

هڪ محتاط اندازي مطابق سجي دنيا ۾ 50 ڪروڙ ماڻهو هيپاٽائيٽس بي ۽ سي کان متاثر آهن ۽ هر سال 10 لک ماڻهو هن هاجيڪار بيماريءَ ۾ اجل جو شڪار ٿيندا آهن. سجي سنڌ ۾ هيپاٽائيٽس جي وڏندڙ شرح ڏسندي وزيراعليٰ سنڌ ان جي خاتمي لاءِ 2009_2008 ۾ هڪ خصوصي پروگرام شروع ڪيو ۽ هاڻي هن پروگرام ۾ وڌيڪ ٽن سالن جي واڌ ڪئي وئي آهي، جيڪا 2014_2011 تائين جي مدي لاءِ آهي، هن پروگرام جي پهرئين مرحلي تحت هيٺ ڏنل انگن ۽ اکرن موجب نتيجا حاصل ٿي چڪا آهن.

| | | |
|---|---|---|
| 01 | ويڪسينيشن آهي ضلعي آبادين جيڪي وڌيڪ توجهه طلب آهن | 1698430 |
| 02 | عام آبادي ۾ جي ويڪسينيشن | 1135000 |
| 03 | اسڪول ويندڙ ٻارن لاءِ ويڪسينيشن | 735857 |
| 04 | ويڪسينيشن، نون جاول ٻارن لاءِ 24 ڪلاڪن اندر | 775000 |
| 05 | جيل جي قيدين لاءِ ويڪسينيشن | 18439 |
| 06 | ٻوڏ متاثرين جي ويڪسينيشن | 194000 |
| 07 | گڏاپ ۾ بن قاسم ٽائون ۾ ويڪسينيشن | 15451 |
| | ٽوٽل | 4572177 |

جڏهن ته هيپاٽائيٽس جي مرض ۾ مبتلا مريضن جن جو مفت علاج ٿي رهيو آهي، انهن جو تعداد ڪجهه هن ريت آهي.

| | | |
|---|---|---|
| 01 | انٽرفرون جي ذريعي هيپاٽائيٽس سي جو علاج | 80997 |
| 02 | اورل ٽراپي جي ذريعي هيپاٽائيٽس بي جو علاج | 9398 |
| 03 | انٽرفرون (9 MIU) جي ذريعي هيپاٽائيٽس ڊي جو علاج | 2003 |
| 04 | قيدين جو علاج | 1266 |
| | ٽوٽل | 93664 |

## 2014_2011 (ٽن سالن) لاءِ هدف

### ويڪسينيشن جو هدف

| "Target Group" | "Target" |
|---|---|
| 01 عام آبادي | 1670000 |
| 02 اسڪول ويندڙ ٻارن لاءِ | 1450000 |
| 03 آهي ضلعي آبادين جيڪي وڌيڪ توجهه طلب آهن | 60000 |
| 04 جيل جي قيدين لاءِ | 45000 |
| 05 تازن جاول ٻارن لاءِ | 5000 |

### علاج ۽ حفاظت جي لاءِ

| علاج | هدف |
|---|---|
| 01 هيپاٽائيٽس "C" | 73000 |
| 02 هيپاٽائيٽس "B" | 7280 |
| 03 هيپاٽائيٽس "D" وڏن لاءِ | 845 |
| 04 هيپاٽائيٽس "D" ٻارن لاءِ | 300 |

### تشخيص جي خدمات لاءِ

| "تشخيصي ٽيسٽ" | "هدف" |
|---|---|
| ICT Test 01 | 1200000 |
| Eliza _ B,C&D 02 | 652800 |
| PCR Test 03 | 36000 |
| PCR Tests (outsourcing) 04 | 18000 |

## صحت جي پائيدار نظام متعلق

| علاقتو | موجوده | منصوبابندي |
|---|---|---|
| 01 PCR ليبارٽريز جي تعمير | 02 | 01 |
| 02 سينٽينل سائيٽس | 43 | 43 |
| 03 ڪولڊ اسٽوريج رومز | 06 | 03 |
| 04 ڪولڊ اسٽوريج گاڏيون | 01 | 01 |

۽ سموري سنڌ ۾ سرڪاري توڙي غير سرڪاري، نرسري کان هائير سيڪنڊري تائين اسڪول ويندڙ ٻارن جو ڪل تعداد 6000000 آهي ۽ انشاءَ الله انهن سيني ٻارن جي ويڪسينيشن پڻ هن پروگرام دوران مڪمل ڪئي ويندي.

## هيپاٽائيٽس جي ڦهلاءَ جا سبب

1. هيپاٽائيٽس جي متاثر مريضن تي استعمال ٿيل سرنج جو ٻيهر استعمال.
2. غير ضروري ٽڪا.
3. غير اسڪرين شده رت جي منتقلي.
4. شيو جي لاءِ بار بار ساڻڪي بليڊ جو استعمال وغيره.
5. جنسي بي راهه روي سان.
6. ٻانهه تي نشان وغيره ڪرائڻ يا نالا لکرائڻ سان.
7. هيپاٽائيٽس ۾ مبتلا ماءُ مان پيدا ٿيڻ واري ٻار کي.


## (ياد رکو احتياط علاج کان بهتر آهي)

هيپاٽائيٽس هڪ وڏندڙ بيماري آهي، جنهن کي علاج کان وڌيڪ احتياط سان روڪي سگهجي ٿو.

عوام کي گذارش آهي ته هن هاجيڪار بيماريءَ کان بچڻ لاءِ سجي سنڌ ۾ قائم شده هيپاٽائيٽس سينٽرز ۾ وڃي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي مفت چڪاس، ويڪسينيشن ۽ علاج ڪرائين.

**موجوده عوامي حڪومت جو عزم**

**هيپاٽائيٽس جو خاتمو اسان جو مشن**





صوبائي پروگرام مئنيجر:
هيپاٽائيٽس کان بچاءُ ۽ ڪنٽرول پروگرام،
صحت کاتو، حڪومت سنڌ

رابطو: ٽول فري نمبر: 0800_14727، ويب سائيٽ: www.hpcp.com.pk

## هڪ ٻي اهم ڪاميابي



هن پروگرام جي هڪ ٻي اهم ڪاميابي اها به آهي ته پروگرام مئنيجر پنهنجي ذاتي دلچسپي وٺي سوئٽزرلينڊ جي گورنمينٽ سان ڳالهائي هيپاٽائيٽس D جي مريضن تي سالياني 600000 (ڇهه لک) خرچ ايندڙ ڪورس کي گهٽ ڪرائي 300000 (ٽي لک) رپيا ڪرايو آهي. جنهن جو اعلان 28 جولاءِ 2011 ورلڊ هيپاٽائيٽس ڈي تي سوئٽزرلينڊ جي قونصليٽ جنرل کان ڪرايو. جنهن ۾ هڪ پيگاسس انجيڪشن جي قيمت 12500 مان گهٽائي 5525 رپيا ڪئي وئي آهي. (جيڪا روچ ڪمپني جي آهي) ياد رهي ته روچ ڪمپني پرڏيهه جي واحد ڪمپني آهي، جنهن اڄ تائين ڪنهن به اداري کي رعايت نه ڏني آهي ۽ روچ ڪمپني صرف اسان کي 50 سيڪڙو تائين رعايت ڏني آهي. جيڪا هن پروگرام جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي، جنهن سان حڪومت سنڌ کي اربين رپين جو فائدو ٿيندو.




# شري لكشمي جيءَ كي آرتي

اوم جئہ لكشمي ماتا ، ميا جئہ لكشمي ماتا
تُم كو نِش دِن سيوت ، هر ، وشٹو ، وِدَاتا . اوم ....

اُما رَما برهماٹي ، تُم هي جگ ماتا
سُوريہ ، چندرما دياوت ، نارد رِشي گاتا . اوم ....

دُرگا رُوپ نِرنجني ، سُک سمپتي داتا
جو كوئي تُم كو دياوت ، رِدّي سِدّي دَن پاتا . اوم ....

تُم پاتال نِواسني ، تُم هِي شُبھ داتا
كرم پرياوَ پركاشني ، يوَنِدّي كي داتا . اوم ....

جِس گھر تُم رهتي تهان ، سب سد گُٹ آتا
سب سنيوَ هوجاتا ، من نهين گھبراتا . اوم ....

تُم بِن يگيہ نہ هوتي ، وستر نہ كوئي پاتا
كان ، پان كا وبيوَ ، سب تُم سي آتا . اوم ....

شُبھ گُٹ مندر ، سُندر ، كيروَ دِدّي جاتا
رتن چتُردش تُم بِن ، كوئي نهين پاتا . اوم ....

مهالكشمي جيءَ كي آرتي ، جو كوئي جن گاتا
اُر آنند سماتا ، پاپ اُتر جاتا . اوم جئہ لكشمي ماتا

